فريده ڏاهري

# سنڌي ڊرامن ۾ سنڌ جا تاريخي ڪردار
# Historical Characters of Sindh in Sindhi Drama


## *Abstract:*
*Sindh is the historical region. This land has given birth to brave, courageous, mystic and generous personalities from centuries onwards. Those great people have vital importance in sindhi society. They are represented in the sindhi literature in prose as well as poetry. Literature is the heartbeat of society. It consists of various feelings i,e happiness, sorrow, comforts, tortures and many past events. Drama is the genre of literature which reflects those circumstances. Sindhi dramatists have represented historical characters in front of public. Every nation inherits its own heroes, which are source of proud for it. The achievements of those heroes become source of guidance for new generations. In sindhi dramas, sindhi historical characters are represented in appropriate and real sense.*


انسان جڏهن پنهنجن احساسن، جذبن، تصورن جي حسين لمحن کي سنواري، سينگاري لفظن جي مالها پارائي، قلم ذريعي ڪاغذ ۾ قيد ڪيو ته اهڙيون حسين خوبصورت تحريون ادب جو بنياد بڻيون. ادب انسان جي تخيل جي اها خوبصورت وادي آهي، جنهن جي دامن ۾ فقط گل ئي گل ٽڙندا رهن ٿا. ادب جو زندگيءَ سان ناتو ازل کان رهيو آهي ۽ ابد تائين رهندو. انهيءَ ڪري ادب ۽ زندگي هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم رهيا آهن.

ادب 'نظم ۽ نثر' جي مختلف صنفن ۾ تخليق ٿئي ٿو جن مان، ناول، افسانو ڊرامو ۽ شاعري ادب جا اهي ٿنڀ آهن جن تي اُن جو بنياد بيٺل آهي. ليڪن اِنهن ادبي صنفن وسيلي زندگيءَ جي بنيادي حقيقتن، انسان جي، خوشي ۽ غم وارين ڪيفيتن کي تحرير ذريعي سامهون آڻي ٿو.

ناول ۽ افساني جيان ڊرامو به ادب جي اهم صنف رهيو آهي. هيءَ صنف ادب ۾ اعليٰ حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي. جيڪا ادب ۾ پنهنجي ڪاميابيءَ جي ڪري منفرد نظر اچي ٿي. ڊرامو زندگيءَ جو اهڙو آئينو آهي جنهن ۾ انساني



زندگي جا عڪس چٽا نظر اچڻ سان گڏ قدرت جا عڪس پڻ ڏسي سگهجن ٿا.

فيروزاللغات ۾ لفظ ڊرامي جي معنيٰ هن طرح لکيل آهي:

”ڊراما (انگ_ا_مذ) سوانگ_ ناٽڪ_تمثيل _ نقل“ ڊرامي بابت مختلف ليکڪن جا مختلف رايا آهن:

سسيرو (Cicero) جي خيال موجب: 'ڊراما زندگيءَ جو نقل رسم ۽ رواج جو آئينو ۽ سچائي جو پاڇو آهي.

هئگو (Hugo) جي نگاهه ۾: ”هي هڪ آرسي آهي جنهن ۾ قدرت پنهنجو پاڻ پسائي ٿي.“ سيرسي (Sarcey) جي چوڻ موجب: ”هيءُ اهڙن عنصرن جو ميڙ آهي جن جي ذريعي اسان ٿئيٽر ۾ زندگي کي پيش ڪريون ٿا.“

”ڪالرج (Coleridge) جي چوڻ مطابق: ”ڊراما فطرت جي نقالي آهي“. (اشرف،18:1968)

> ڊرامو سماج جي هڪ اهڙي تصوير آهي، جنهن ۾ سماج جون ريتون رسمون، لباس، ثقافت، ٻولي، تهذيب تمدن جا عڪس نمايان ٿين ٿا. ائين ڪٿي چئجي ته ادب جي هيءَ صنف سماج جي نمائندگي ڪري ٿي. ڊرامو سماج جي اصلاح جو بهترين رستو آهي، جنهن جي وسيلي سماج جون ڪريون حقيقتون پيش ڪيون وڃن ٿيون ڊرامي ذريعي معاشي، سياسي، سماجي مسئلن جي معلومات حاصل ٿئي ٿي. هي واحد ذريعو آهي جنهن سان قوم ۽ سماج جي تربيت ڪري، ترقيءَ جي راهه تي آڻي سگهجي ٿو.

ڊرامي بابت ڊاڪٽر عشرت رحماني لکي ٿو ته:

> یے امر مسلم ہے کہ کسی ملک کی قومی ثقافت کی ترقی اور افراد کی معاشرتی واخلاقی تعمیر و تربیت کے لئے ڈراما مؤثر ترین ذریعہ ہے ۔ اس ذریعہ افراد ملت کو اپنی انفرادی واجتماعی زندگی کے مسائل کی طرف متوجہ کیا جا سکتا ہے، تاکہ وہ معاشرہ فلاح وحیات ملی کی صحت مند ترقی کے امکانات پر غور کر کے اصلاح و تعمیر میں منہمک ہو ۔ (عشرت، 14:1968)

ڊرامي ۾ انسان جا سٺا ۽ خراب عمل نمايان ڪري پيش ڪيا وڃن ٿا.

انهيءَ ڪري ڊرامو انسان ۽ سماج جي ضرورت آهي، جنهن سان مختلف سماجي پهلوئن کي سامهون آڻي سگهجي ٿو. ڊرامي جو سڌو سنئون تعلق انساني زندگيءَ سان آهي، هيءَ انسان جي داخلي ۽ خارجي ڪيفيت جي اظهار جي صنف آهي، جنهن ۾ انسان جا سمورا احساس ۽ جذبا سميٽجي سامهون ايندا آهن. ملڪ ۾ قومي ايڪو پيدا ڪرڻ، يا سماجي ڀلائي جي پيغام رسائي، معاشي ترقي، سماج کي استحصال مان ٻاهر ڪڍڻ ۾ ڊرامو بهترين ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

ڊرامي جي تعريف مراد علي مرزا هن طرح تحرير ڪئي آهي. پاڻ لکي ٿو ته:

> شاعري، موسيقي، نقاشي، سنگتراشي ۽ ٻين لطيف فنن وانگر ڊرامو به احساسن ۽ امنگن جي ان لطيف، نازڪترين ۽ پر اسرار زندگيءَ جو راز آهي، جنهن جي ڪا به منطقي تعريف يا تشريح ڪري ئي نٿي سگهجي. جذبي ۽ احساس جي وسيلي ئي اسين جسماني، جذباتي ۽ فڪري طرح زنده رهڻ جي مڪمل تجربي کي سمجهي سگهون ٿا. شاعر موسيقار نقاش يا ڊرامانويس ’هڪڙي فارم( Form)‘ ’هڪڙي گهاڙيٽي‘ کي جنم ڏئي ٿو جنهن ۾ هن جا احساس، اُمنگ ۽ جذبا هڪ صورت، هڪ شڪل، هڪ روپ وٺي بيهن ٿا. (مرزا،17:1979)

لفظ ڊرامو يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جو بنياد يوناني لفظ ”ڊراءِ“ تي آهي، جنهن جي معنيٰ ”عمل“ يا ”ڪرڻ“ آهي.

ڊاڪٽر محمد يوسف لکي ٿو ته:

”انسان جي جذبن ۽ احساسن واري اظهار جي ادائگيءَ کي، يوناني ٻوليءَ ۾ ’ڊرومنن‘ ڪري ڪوٺيو ويندو هو. جنهن لفظ جو پوءِ وارو گهاڙيٽو ’ڊرومنن‘ مان ڦري ’ڊراؤ‘ ٿيو. جنهن مان اڳتي هلي لفظ ڊرامه (Drama) ٺهيو آهي، ۽ اُن جي معنيٰ آهي ’ڪرڻ‘ يا ’ڪري ڏيکارڻ‘. ساڳيءَ ريت وضاحت سان بيان ڪندي يونان جي عظيم فلاسافر ارسطوءَ ( 385 ق.م) ڊرامي کي ’عمل جي نقالي‘ ( Imitation of action) سڏيو آهي. (پنهور، 11:1992)

ادب جي نثري صنفن ۾ ڊرامي جي صنف سڀني کان آڳاٽي آهي. هن صنف جي ارتقا يونان ۽ بعد ۾ هندستان (برصغير) ۾ مذهبي ڊرامن ذريعي ٿي. انهن جون



مذهبي رسمون، پوڄاپاٺ ڊرامن جي شڪل ۾ ڪيون وينديون هيون. يوناني ڊرامي جي قدامت جي حوالي سان قمر شهباز لکي ٿو ته:

> قديم يوناني پنهنجي شراب اهوجي ديوتا ڊايونيسس ( Dionysius) جي شان ۾مندائتا مانداڻ مچائيندا هئا ۽ انسان خون جي قرباني ڏئي پاڻ کي ديوتائن آڏو سرخرو ڪندا هئا. اهڙن موقعن تي هو خوشيءَ جي اظهار خاطر ناٽڪ رچائيندا هئا ۽ عام ماڻهن کي اهو پيغام پهچائيندا هئا ته ڪُنل جي قرباني رائگان نه ويندي. بهار جي موسم ۾ هو ٻيهر جنم وٺندا ۽ ڏيهه تي آيل ڏوجهري کي پنهنجي پوتر رت سان ڌوئي پوئي نئين ۽ سهائي صبح جو آغاز ڪندا. (ملاح،15:2012)

سنڌ ۾ ڊرامي جي ابتدائي شڪل ”سانگَ“، ”پڳتَ“ ۽ ”مناظره“ آهن. اصل ۾ سنڌي شادين، ميڙن، محفلن هوليءَ جي موقعن تي سانگ وجهندا هئا، جنهن ۾ مختلف ڪردارن جا روپ اختيار ڪري، ڪنهن واقعي يا سماجي منظر جي مڪمل تصوير پيش ڪندا هئا.

سنڌيءَ ۾ تحرير ڪيل ڊرامن جي شروعات اوڻويهين صديءَ جي اٺين ڏهاڪي ۾ ٿي. ان کان اڳ بمبئيءَ مان ڪي پارسي، ۽ گجراتي، ناٽڪي ڪمپنيون سنڌ ۾ اچي ڪيترائي ڊراما اسٽيج تي پيش ڪنديون هيون. سنڌي ۾ تحرير ڪيل ڊرامن جي شروعاتي دؤر جا موضوع رومانوي قصن ۽ هندو مذهب جي مها ڀارت، تقدير ۽ تدبير جي فلسفي تي ٻڌل هئا .پهرين مهاڀاري لڙائي جي نتيجي ۾ سڄي دنيا جون حالتون بگڙنديون ويون، جنهن سبب ادب جا موضوع مٽجي ويا ۽ انهيءَ بگڙيل صورتحال جا مسئلا ادب جا موضوع بنجڻ لڳا. جنهن جو اثر ان وقت جي ڊرامن تي به پيو ۽ ڊرامي جا موضوع مذهبيت مان نڪري سماج جي عڪاسي ڪرڻ لڳا.

حقيقت ۾ ڊرامو مصنف جو اهو خواب آهي جنهن جي تعبير اسٽيج تي پيش ٿيڻ سان پوري ٿئي ٿي. هيءَ دنيا پڻ هڪ اسٽيج مثل آهي، جنهن ۾ انساني زندگيون، اداڪاري کان وڌيڪ اهميت نٿيون رکن ۽ اُهي پنهنجا ڪردار ادا ڪنديون رهن ٿيون.

ڊرامي لاءِ ليکڪ مواد، سماج مان حاصل ڪري ٿو، ليکڪ سماج جو

نمائندو آهي ۽ اهو سندس ڪم آهي تہ هو ڊرامي ۾ ان سماج جي هو بهو تصوير پيش ڪري، ڇاڪاڻ تہ ان سماج ۾ واقعا بہ آهن تہ مسئلا بہ آهن، منظر بہ آهن ۽ ڪهاڻيون بہ آهن ، ڪردار بہ آهن. هر انساني زندگي هڪ ڪهاڻي آهي، هڪ زندگيءَ جو وجود ختم ٿيڻ سان هڪ ڪردار ختم ٿئي ٿو نئين جنم وٺندڙ جو ڪردار هڪ نئين ڪهاڻي کڻي اچي ٿو.

هر قوم پنهنجي الڳ تاريخ ۽ ثقافت جي مالڪ هوندي آهي. ان تاريخ ۽ ثقافت مان  قوم جي تاريخي ڪرادرن، تاريخي واقعن، تاريخي ماڳن مڪانن وغيره تائين رسائي ٿئي ٿي ۽ ثقافت مان، ان قوم جي رهڻي ڪهڻي، ٻولي، لباس وغيره جي خبر پوي ٿي.

درحقيقت ڊرامو بہ ماضي ۽ حال جي تصوير آهي جنهن ۾ اسين پنهنجو ماضي ۽ حال ڇٽو ڏسون ٿا. ان ۾ پيش ٿيل تاريخي ڪردار اسان جي تاريخ ۽ ثقافت جي ڇٽي تصوير آهن.

اسان جا سنڌي ڊرامانگار جس لهڻن جن اسان جي سنڌي سماج جي انهن ڪردارن کي ڊرامن ذريعي زنده رکيو آهي. جيڪي اسان جي هر نئين نسل لاءِ بهادريءَ، دليريءَ، وطن، وٺين ۽ ٻنين تان سر ڏئي سُرها ٿيڻ جا مثال آهن.

آغا سليم پنهنجي ڊرامي ”دودو چنيسر“ ۾ سنڌ جي تاريخي ڪردار دودي سومري جي ڪردار کي تمام سهڻي نموني پيش ڪيو آهي. دودو سومرو سنڌ جو هڪ عظيم ۽ بهادر ڪردار آهي، جنهن تي سنڌ اڄ بہ ناز ڪري ٿي.
آغا سليم دودي جي ڪردار بابت پنهنجي ڊرامي ۾ لکي ٿو تہ:

”ننگر جي شهادت کان پوءِ هو زخمي شينهن وانگر. ميدان ۾ ٽپي پيو. هن جي هڪڙي هٿ ۾ سومرن واري تلوار هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ ٽانگر هو ۽ هو ايترو تہ وزني هو جو دودي کانسواءِ ڏهہ جوڌا بہ ان کي کڻي نہ سگهن. دودو اهو ٽانگر ڦيرائيندو دشمن جي فوج ۾ ڪاهي پيو. پوءِ رڻ متو راڙو ٿيو هر طرف دانهون، ڪوڪون، رت جون نديون وهي ڇڙيون. دودي جي دهشت کان ڏونگر ڏري پيا. مائن جا هان ڦاٽي پيا. ڌرتي ڏان ڏان ڪرڻ لڳي، دودو دشمن کي گجرن ۽ مورين وانگر وڍيندو، دشمن جي



فوج جو لاٻارو ڪندو. سالار خان جي سامهون ٿيو. دودي جي دليري کي ڏسي سالار خان کان دانهن نڪري وئي تہ جنهن ديس جي ڌرتي دودي جهڙا دلير پٽ ڄڻي سگهي ٿي تنهن ديس کو بہ فتح نٿو ڪري سگهي. پوءِ ڇئني طرفن کان تيرن ۽ تلوارن جا مينهن وٺا ۽ دودي جو سَنڌ سَنڌ گهائجي ويو پر تہ بہ هو وڙهندو رهيو تان جو هن جا سنڌ ساٽا ٿيا. ساهن ساٿ ڇڏيو ۽ دودو ڌرتيءَ تي ليٽيو. ڄڻ هماليہ جبل ڪري پيو ڌرتيءَ دانهن ڪئي تہ هاءِ منهنجو دلارو مئو. آسمان اوڇنگار ڏني تہ مون سان سينو سهائيندڙ شهيد ٿيو ۽ عرش اونايو تہ مون کان اوچي ڳاٽ وارو دودو مري ويو.“ (آغا،2009:30)

آغا سليم هن ڊرامي ذريعي سنڌ ۾ سومرن جي دؤر جو اسان کي سير ڪرايو آهي، ان دؤر ۾ سنڌين جي حالت ۽ سنڌ سان محبت جو اظهار دودي جي ڪردار وسيلي سامهون آندو آهي. سندس هن ڊرامي ۾ دودي جي ڪردارنگاري بہ ڪمال جي پيش ڪيل آهي.

آغا سليم دودي جي دليري، دودي جي زباني هن طرح تحرير ڪئي آهي، پاڻ لکي ٿو تہ: ”دودو: دنيا جي ڪا طاقت اسان جي اوچي ڳاٽ کي جهڪائي نٿي سگهي، اسان جا ڳاٽ وڍجي سگهن ٿا، پر ڪڏهن بہ جهڪي نٿا سگهن.“ (آغا،2009:17)
پاڻ ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ:

”دودو: نياءُ ازل کان انياءُ سان اٽڪندو آيو آهي، جي اڄ سنڌ پنهنجا ڪونڌر نہ ڪهايا تہ پوءِ هميشہ سنڌ جي نياڻن جي لوئين ڏانهن هٿ وڌندا ۽ انهن هٿن کي وڍڻ وارو ڪونہ هوندو.
ٻاگهي: هن جنگ ۾ هن انساني ڪوس جو ڪارڻ مان آهيان. مان پنهنجي پاڻ کي سنڌ تان قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ( آغا، 2009:25)

دودي جو ڪردار سنڌ صدين تائين نہ وساريندي، هي امر ڪردار سنڌي سماج ۾ پنهنجي بهادريءَ، بيباڪيءَ، دليريءَ سبب مشهور آهي، لفظ دودو اڄ بہ اسان جي سماج ۾ طاقتور هئڻ  جي علامت طور ڪم اچي ٿو. در حقيقت دودو سنڌي قوم جو هيرو آهي، جنهن وطن جي واڳ ڌارين جي هٿ نہ ڇڙهڻ ڏني ۽ سنڌ تان سِرُ گهوري ڇڏيائين.

آغا سليم جو هيءُ ڊرامو سندس ڪامياب ڊرامن مان هڪ آهي. جيڪو ايندڙ نسلن تائين سنڌ جي هن بهادر ڪردار جي نمائندگي ڪندو رهندو ۽ سنڌ جي نوجوانن جو هن ڪردار کي پڙهي، ڏسي حوصلو بلند ٿيندو رهندو ۽ سنڌ سان محبت جو جذبو وڌندو رهندو.

هر قوم ۽ هر سماج کي پنهنجا پنهنجا عظيم ڪردار هوندا آهن جيڪي ان سماج لاءِ باعث فخر هوندا آهن. سنڌي ڊرامانگارن به پنهنجن ڊرامن ۾ سنڌ جا امر ڪردار پيش ڪري، سنڌي سماج ۾ شعور آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

آغا سليم پنهنجي ڊرامي ”دولهه دريا خان“ ۾ به سنڌ جي جانثار هستيءَ کي پيش ڪيو آهي، جنهن جو ذڪر سنڌ جي تاريخ ۾ سونهري لفظن سان ٿيل آهي، هيءُ ڪردار سنڌ جي هڪ بهادر، دلير سنڌ جي سرزمين تان سر قربان ڪندڙ ،سنڌ جي مٽيءَ سان محبت ڪندڙ سنڌ جي مٽيءَ سان ساٿ نڀائيندڙ سنڌ جي سرحدن، ٻارن ٻڍن عورتن جي حفاظت ڪندڙ قداور مڙس دولهه دريا خان جو آهي.

سنڌ جو هي ارڏو ڪردار، سمن جي دؤر حڪومت ۾ سنڌي فوج جو سپهه سالار هو. هن کي ڄام نظام الدين انهي عهدي تي فائز ڪيو ۽ سندس پٽ ڄام فيروالدين انهي عهدي تان معزول ڪيو. هي سنڌ ڌرتيءَ جو سچو سپاهي ارغونن جي فوج سان وڙهندي وڙهندي شهيد ٿيو.

آغا سليم پنهنجي ڊرامي ۾ دولهه دريا خان جي ڪردار جي گفتگو هن طرح تحرير ڪئي آهي. پاڻ لکي ٿو ته:

> ”دريا خان: سنڌين جي تلوار ڪڏهن به مڏي ٿي نٿي سگهي. مصيبت جي روهيءَ تي سنڌي جي تلوار وڌيڪ تيز ٿيندي آهي. سنڌي جڏهن اَلفيون پائي، يڪتارا ۽ چپڙيون وڄائي جهومندا، نچندا ۽ ڳائيندا آهن تڏهن ساري ڪائنات هنن جي ساز ۽ آواز جي لهر ۾ لڙهي ويندي آهي. پر جڏهن سنڌي يڪتاره چپڙيو اڇلائي، الفيون لاهي، ڪفنيون پائي، تلوار کي مياڻ مان ڪيندا آهن تڏهن رات جو سينو چيرجي ويندو آهي ۽ پرهه ڦٽندي آهي ۽ افق مان شفق جو ڳاڙهو رت ٽمندو آهي.“ (آغا،2009:37)



ليڪڪ هن ڊرامي ۾ سمن جي پڇاڙيءَ ۽ ارغون دؤر جي شروعات واري سنڌي سماج جي سماجي ۽ معاشي صورتحال کي پيش ڪيو آهي. آغا سليم دولهه دريا خان جي سنڌ سان محبت جو اظهار هن طرح تحرير ڪيو آهي: ”دريا خان: ايئن نه چئو هيمون. ته دريا خان جو وار به ونگو نه ٿئي ، پر ايئن چئو ته دريا خان جهڙا ڪيئي سنڌ تان صدقي ٿين ۽ سنڌ سونهاريءَ جو وار به ونگو نه ٿئي.“ (آغا،2009:38)

پاڻ اڳتي لکي ٿو ته: ”درياخان: ديس سمهندا آهن پر دل وارا جاڳندا آهن، پوءِ ارغون راتاهو ڪيئن هنيو. اسين امير لاءِ ريشمي بسترا ۽ ارغونن لاءِ موت ڪٽي اچي رهيا آهيون.“ (آغا،2009:39)

دولهه دريا خان سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ڪردار آهي، سنڌ جي تاريخ ۾ جيڪا جڳهه وقت جي بادشاهن ۽ وقت جي اميرن کي حاصل نه ٿي سگهي سا دريا خان کي نصيب ٿي، دريا خان سنڌ جي تاريخ جو هڪ انقلابي ڪردار هو سندس انقلابي سوچ، وقت جي حڪمرانن جي غلط پالسين ۽ ان مان فائدو حاصل ڪندڙ غيرن جي منافقت سبب پيدا ٿي، دنيا جي تاريخ انقلابي ڪردارن سان ڀري پئي آهي پر انهن ۾ دريا خان جهڙو ڪو ورلي ملندو جنهن اڪيلي سر وقت جي بادشاهه ۽ فوج کان سواءِ دشمنن جو مقابلو ڪيو.

دولهه دريا خان سنڌ جو محافظ هو جنهن سنڌ جي سرحدن جي حفاظت ڪندي، سنڌ جي سر زمين لاءِ پنهنجي جان جو نظرانو پيش ڪيو ۽ پنهنجي دليري، ڌهمان ۽ طاقت جو پيغام سنڌي سماج جي ايندڙ نسلن لاءِ ڇڏيو. سندس بهادري ۽ جانثاري سنڌ ۾ هميشه ڳائبي رهندي، آغا سليم هن تاريخي ڊرامي جي تاريخي ڪردارن ۾ جڻ ته روح ڦوڪي ڇڏيو آهي ۽ انهن کي حقيقت جو ويس پارائي عوام سامهون پيش ڪيو آهي.

آغا سليم جو هي ڊرامو ”گل چنو گرنار جو“ به سنڌ جي تاريخي ڪردارن جي نمائندگي ڪري ٿو هن ڊرامي ۾ سنڌ جو عشقيه داستان شامل آهي، راڳ ۽ ساز جي قدر دان راءِ ڏياچ، سورٺ ۽ ٻيجل جي قصي کي ڊرامائي تشڪيل ڏنل آهي، سندس هن ڊرامي ۾ سنڌ جون قديم روايتون اجاگر ڪيل آهن. ساز، راڳ، موسيقي، سنڌ جي ثقافت ۾ صدين جي تاريخ رڪن ٿيون. هن ڊرامي ۾ سنڌ جي تاريخي ڪردار راءِ ڏياچ جي ساز، سنگيت، ۽ سورٺ سان محبت کي پيش ڪيو ويو آهي.

راءِ ڏياچ جي سورٺ سان گفتگو هن طرح تحرير ڪئي وئي آهي.

ڏياچ: هن جي صدا مان اسان کي سچي سنگيت جي سڳنڌ آئي آهي. اسان سمجهون ٿا ته هن جو سنگيت تنهنجي آتما ۽ سرير کي سک پهچائيندو ۽ تون چڱي ڀلي ٿي ويندينءَ. سورٺ راڻي اسان ترت انهن ڏينهن کي واپس ورائڻ ٿا چاهيون جڏهن تنهنجو سنگيت ٻڌي اسان جو من پکيئڙي وانگر پرڙا ڦڙڪائي نيري آڪاش ۾ اڏامندو هو جڏهن کان تون ناچاڪ ٿي آهين تڏهن کان راڳن ويراڳ ورتو آهي. سُر ساڻا ٿي ويا آهن ۽ اسان جو من موڳو ٿي پيو آهي، اسان جون اکيون توکي سرهو ڏسڻ لاءِ آتيون آهن ۽ اسان جو من تنهنجي سنگيت ٻڌڻ لاءِ ماندو آهي. (آغا,2009:79)

آغا سليم جي هن ڊرامي ۾ به سنڌ جي تاريخ جا امر ڪردار پيش ڪيل آهن،سورٺ، راءِ ڏياچ ۽ بيجل جي ڪردارنگاري سهڻي انداز ۾ پيش ڪئي وئي آهي. هن سنڌ جا هي امر ڪردار ڊرامي وسيلي عوام جي آڏو آندا آهن ۽ تمام آسان وڻندڙ ۽ سهڻن لفظن سان مڪالمه تحرير ڪيا آهن. جنهن سان سنڌ ۾ راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جا صديون پراڻا ڪردار بلڪل ويجهو محسوس ڪيون ٿا.

سنڌ جي سون ورني ڌرتي، جوڌن، بهادرن، دليرن جي نگري آهي، هن ڌرتيءَ جي ڪُکِ مان جتي بهادرن، دليرن، سخين، سردارن، سورهين سرويچن، ولين ۽ صوفين جنم ورتو آهي، اُتي هن ئي ڌرتيءَ تي عاشقن، معشوقن جا قصا به ملن ٿا، جن کي شاهه لطيف پنهنجي شاعري ۾ قيد ڪري امر بنائي ڇڏيو جيڪي سنڌي ادب ۾ عشقيه داستان يا لوڪ داستانن سان مشهور ٿيا. سنڌي ڊرامانگارن انهن تاريخي داستانن کي پنهنجن ڊرامن ذريعي عوام جي سامهون آڻي انهن کي حقيقت جو ويس پارايو.

مومل راڻي جي تاريخي داستان کي شمشيرالحيدري "ڪاڪ محل" ڊرامي جو روپ ڏئي وڏيڪ انمول بڻايو آهي. هن داستان کي ڊرامي ۾ پيش ٿيڻ کان اڳ هر ڪنهن جي ذهن ۾ هن داستان جو الڳ الڳ خيالي روپ هو پر شمشيرالحيدري ڊرامي ذريعي هن تاريخي عشقيه داستان کي ڄڻ ته حقيقي روپ ۾ آندو.

شمشيرالحيدري پنهنجي ڊرامي "ڪاڪ محل " ۾، سنڌ جي تاريخي ڪردار راڻي



ميندري جي گفتگو هن طرح تحرير ڪئي آهي:

راڻو: ڪاڪ جي مٽي ۾ سڳنڌ تون سڃاڻين ٿو ته پوءِ توکي اهو به ڄاڻڻ کپي، حاڪم سائين، ته منهنجي انگ انگ ۾ ان جو رنگ ۽ منهنجي ون ون ۾ ان جو واس ائين رچي مچي ويو آهي، جيئن خود انهيءَ مٽيءَ ۾. تون ڪيڏو به روڪيندين، منهنجي روح جو ريلو اوڏانهن ئي وهندو، جيڏانهن مومل جو ماڳ آهي... مومل منهنجي جند ۽ جان، ۽ ڪاڪ منهنجي' نينهن جو شان آهي." (حيدري,1987:198)

اڳتي مومل جي ڪيفيت، شاهه هن بيت ۾ بيان ڪئي آهي. پاڻ لکي ٿو ته:

"شمع ٻاريندي شب، پرهه ٻکون ڪيون،....
موٽ مران ٿي ميندرا، راڻا ڪارڻ رب،...
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا."
(حيدري,1987:198)

هن تاريخي قصي جو ذڪر سنڌ جي تاريخي ماخذن ۾ به ملي ٿو پر مختلف روايتن سبب ڪا هڪ راءِ نٿي بيهي. تنهن تي شمشيرالحيدري چوي ٿو ته:

"مختلف روايتن جي اوجهڙ مان رد ۽ قبول ڪرڻ واري منهنجي نقطه نظر سان اختلاف بيشڪ ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته "واٽون ويهه ٿيون" واريءَ حالت ۾ هيءَ ڪهاڻي ويهن طريقن سان لکي سگهجي ٿي." (حيدري,1987:27)

سنڌ جي هن داستان کي شمشيرالحيدري پنهنجن مٺڙن لفظن جا مڪالمه لکي، ڊرامائي روپ ۾ آڻي ناظرين لاءِ پيش ڪيو آهي.

ممتاز مرزا جو "پنرو ٻڌام" ڊرامو به هڪ تاريخي ڪردار بابت آهي، سندس هن ڊرامي جو ڪردار سنڌي لوڪ ادب تان کنيل آهي، حقيقت ۾ آڳاٽي تاريخ ڏند ڪٿائن سان ئي شروع ٿي آهي. انهيءَ ڪري اسان جي لوڪ ادب جا ڪردار به تاريخي حيثيت رکن ٿا.

پنرو ٻڌام جو ڪردار به سنڌ جو تاريخي ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي بيباڪيءَ، ارڏائيءَ، بهادري ۽ جوشائيءَ جي ڪري مشهور آهي، پنرو ٻڌام ڪاڇي جو سرڪش سردار هو سندس ايترو ڏهڪاءُ هو جو ارغون به ڪائنس ڊڄندا هئا. هڪ

پيري پنري جي غير موجودگيءَ ۾ دوکي سان پنري جي ڪوٽ تي ارغونن حملو ڪيو ۽ خون خرابو لٽ مار ڪري پنري جي زال سونل کي ارغون سردار کڻائي ويو.
ممتاز مرزا پنهنجي ڊرامي ۾ پنري ۽ شير جي گفتگو ۾ لکي ٿو ته:

پنرو: حوصلو ۽ همت! شير اسان شاهه بيگ ارغون کي ڀڄائيندا سين ته اسان جو وير ڪهڙو نه سخت آهي، اهو ڏينهن پري نه آهي شير. اڄ نه ته سڀان انهيءَ ماميري جو نبيرو ٿي ويندو.

شير: اسان جا پنهنجا سما سردار ۽ بادشاهه ڪمزور ٿي ويا، جام فيروز غلطي ڪندي، دريا خان جهڙن دليرن جي وفاداري ۽ وطن دوستيءَ تي شڪ ڪيو 'جنهن جو نتيجو اسان ڀيا لوڙيون. نه ته انهيءَ ساڳي شاهه بيگ کي دريا خانِ سوءِ وٽ شڪست ڏئي. اسان جو ڳر مٿي ڪيوهو.... اڄ شاهه بيگ هن ملڪ جو مالڪ آهي. اسان بيوس آهيون، ۽ هو فاتح آهي... ۽ هن اڄ ٺٽي جي سر زمين تي رت جا دريا وهايا آهن.(مرزا،1979:80)

ممتاز مرزا جي لکيل تاريخي ڊرامن ۾ آڳاٽي سنڌي سماج جو ڀرپور جائزو پيش ٿيل آهي. سندس تاريخي ڪردارن جي چونڊ ۾ هنيلا بهادر سنڌ جا محافظ، سنڌ سان پيار ڪندڙ سنڌ تي سر ڏيندڙ ڪردار شامل آهن. ممتاز مرزا پنهنجي هن ڊرامي ۾ ارغون دؤر ۾ سنڌي سماج جي تصوير پيش ڪئي آهي، ڪيس تاريخي ڪردارن کي پنهنجي قلم جي نوڪ سان زنده ڪرڻ ۽ مڪالمه نگاريءَ ۾ ڪمال جي حيثيت حاصل آهي.

ممتاز مرزا جو ڊرامو "لاکو ڦلاڻي" به تاريخي پسمنظر ۾ لکيل آهي، هن ڊرامي ۾ سنڌ اندر سومرا دؤر جي سخي سردار لاکي ڦلاڻي جو ڪردار پيش ڪيل آهي.

سنڌ جي قديم ثقافت، سنڌين جي سورهيائيءَ ۽ سنڌي سماج جو عڪس هن تاريخي ڊرامي ۾ نظر اچي ٿو لاکو ڦلاڻي سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ بهادر سخي سردار جي حيثيت ۾ سڃاتو وڃي ٿو.

لاکي ڦلاڻيءَ جي ڪرادر جي حوالي سان ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته:

"سخاوت جي سلسلي ۾ ڏهه ڏاتار مشهور ٿيا. جن ۾ ڪي



سومرن جي ڏينهن ۾ ٿي گذريا آهن. جهڙوڪ: لاکو ڦلاڻي، وڪيو ڏاتار، جکر اوڍاڻو اونو جکراڻي، سپڙ چوٽائي، هٺند ٺڏاڻي. لاکو سورهه ۽ سخي به هو ته سرڪش به هو. سندس چوڻ هو ته جيڪو ڪيس پيءُ 'ڦل' جي مرڻ جي خبر ٻڌائيندو، ان جي زبان وڍائي ڇڏيندو." (ميمڻ،2002:31)

لاکو ڦلاڻي سنڌ جو هڪ بهادر سخي سردار هو. سندس ڪردار سنڌي ڪڏهن به نه وساريندا، سندس سخاوت جا ڳڻ اڄ تائين به هند ۽ سنڌ ۾ ڳائجن ٿا.

ممتاز مرزا، لاکي ڦلاڻي جي بهادريءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

واديءَ مهراڻ جي هنج ۾ سوين سورهيه سخي سردار ساماڻا جيڪي اڄ به پنهنجي سورهيائيءَ ۽ سخاوت ڪري، هندين ماڳين مشهور آهن. انهن سردارن مان هڪڙو لاکو ڦلاڻي به هو، جنهن لاءِ پٽائي صاحب چيو ته "لاکا لک سجن پر ڦلاڻي ڦير ٻيو" هي سورهيه ۽ سخي سردار چوڏهين صدي جي اڌ ۾ خاص طرح 1320ع ڌاري ٿي گذريو. ان وقت سرداري سرڪشي، سورهيائي ۽ سخا تي هئي ۽ لاکي ۾ اهي مڙئي خوبيون هيون. هن پنهنجن سورهيه ساٿين سان گڏ ڪڇ جي علائقي ۾ ۽ ان جي آس پاس ٽرٽلو مچائي ڏنو. (مرزا،1979:111)

لاکي ڦلاڻي جو ڪردار، سنڌ جي تاريخي ڪردارن مان هڪ آهي، هي غريبن جو مددگار هو نا انصافي ۽ ظلم خلاف جدوجهد سندس زندگيءَ جو مقصد هو. لاکي جو ڏيهن ۾ ڌهڪاءُ هو ظاهري طور تي هيءُ ظالم هو پر سندس اداس من اندر هر وقت صدين کان اداس سنڌ جي مارن ماڻهن جي وڃايل مرڪ واپس آڻڻ جي ڪوشش هئي.

ممتاز مرزا، پنهنجي ڊرامي ۾ لاکي ڦلاڻي جي گفتگو جو انداز هن طرح پيش ڪيو آهي.

لاکو: جسراج، راءِ جي ڀاڳي جو مال هن پوڙهي کي ڏنو وڃي،....
هي توهان ڇا ڪيو راءِ...
لاکو: اسان سڀ ڪجهه سوچي سمجهي ڪيو آهي جسراج،

> اسان لاءِ هي ميدان ۽ ملڪ کليا پيا آهن ۽ اسان سان گڏ توهان جهڙا ساٿي آهن ته اسين ٻيو به مال هٿ ڪري سگهنداسين، پر هن جي زندگيءَ جو دارومدار ته انهيءَ مال تي آهي. هنن مفلسن ۽ مظلومن سان هٿ چراند ڪرڻ اسان جو مقصد ڪونهي. (مرزا،113:1979)

لاکو ڦلاڻي، سنڌ جو عظيم سخي سردار سومرا دؤر جي پڇاڙيءَ ۾ ٿي گذريو آهي، سندس نالو اڄ تائين سنڌين لاءِ فخر جو باعث آهي تنهنڪري هو صدين تائين پنهنجي سورهيائيءَ جي ڪري ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهندو

سنڌ جي جوڌي جوان هوش محمد شيديءَ جي ڪردار تي، محمد يوسف پنهور، پنهنجو ڊرامو ”هو شو“ لکيو آهي. هوش محمد شيدي سنڌ جي تاريخ ۾ هميشه زنده رهندو سندس ڪردار سنڌي سماج جي ايندڙ نسلن لاءِ سبق آهي.

انگريزن جي سنڌ تي حملي دؤران مياڻي ۽ دٻي واري جنگ لڳي، ڪئين سنڌي ڪونڌر وطن تان قربان ٿيا جن مان هوش محمد شيدي سر فهرست هو سندس نعرو ”مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون“ هو. پاڻ وڙهندي وڙهندي شهادت جو جام نوش ڪيائين.

سنڌ ۾ ٽالپرن جي دؤر حڪومت جي عڪاسي، محمد يوسف پنهور پنهنجي لکيل ڊرامي ”هوشو“ ۾ تمام بهترين ڪئي آهي. هن ڊرامي ۾ هوشو جي وطن تان قرباني، وطن جي جانثارن جي جانثاري جو اعليٰ نمونو پيش ڪيل آهي.
محمد يوسف پنهور پنهنجي اسٽيج ڊرامي ”هوشو“ ۾ لکي ٿو ته:

> هوشو: فتح همت ۽ عمل سان نصيب ٿيندي آهي، نڪي هڙئي طرح ويهڻ سان؟ هوئين به بزدل قسمت کان فتح جي خيرات پني ٿو ۽ جري قسمت جي منهن تي چماٽ هڻي پنهنجو حق سمجهي زبردستيءَ سان حاصل ڪري ٿو. سو ائين وطن جي خاطر جان قربان ڪرڻ خودڪشي نه پرشهادت آهي. ۽ جيڪڏهن واقعي خدا جي مرضيءَ سان شهيد ٿياسون ته پوءِ پنهنجي خون جو هڪ هڪ قطرو، قوم جي آسمان_ زندگيءَ تي آفتاب ٿي چمڪندو.“ (پنهور 49:1980)

اڳتي لکي ٿو ته:



> راوي_ وطن جي ويرين سان وڙهندي وڙهندي جڏهن انهيءَ توپ جو بارود به ختم ٿي ويو ته به توپ ۾ ٽڪر پٿر وجهي، هوشو انهن ڪافرن جي ڪٽڪ کي ڪرائيندو رهيو_ ۽ تان جو اهو وقت به اچي ويو جو هوشو اڪيلي سِر تن تنها دشمن جي فوج سان مقابلو ڪندو رهيو ايتريقدر جو سندس جسم زخمن سان چور چور ٿي پيو. (پنهور،51:1980)

هوشو سنڌ جو جوشيلو جوان هو هو سنڌ تان ساهه وارڻ وارن جوانن جي فوج جو سردار هو سندس دليريءَ جو قصو اڄ به سنڌ جي ٻهراڙين ۽ شهرن ۾ ڳائجي ٿو سندس بيباڪ ڪردار تي، سنڌ جا جهونا ۽ جوان فخر ڪن ٿا. هوشو جو ڪردار اسان جي چند اهم تاريخي ڪردارن مان هڪ آهي، هن عظيم ڪردار تي سنڌ هميشه سرخرو رهندي ۽ سنڌ جو ڳاٽ صدين تائين اوچو رهندو.

ميمڻ ”احمد خان“ پنهنجي لکيل ڊرامي ”سرزمين سنڌ تي اسلام جو ٻهريون علم“ ۾ سنڌ جي تاريخ جي اهم ورقن کي کوليو آهي. سندس هن ڊرامي ۾ سنڌ جي واليءَ راجا ڏاهر جي ڪردار کي پيش ڪيو اٿس. راجا ڏاهر جو ڪردار به سنڌ جي تاريخ ۾ خاص جڳهه والاري ٿو.

سنڌ ۾، سمن جي دؤر جو تاريخي داستان نوري ڄام تماچي جي ڪردارن کي بشارت حسين انصاري (عابد) پنهنجي ڊرامي ”نوري ڄام تماچي“ ۾ پيش ڪيو آهي، هن تاريخي ڊرامي ۾، سمن جي دؤر جي سنڌي سماج جي تصوير پيش ٿيل آهي، جنهن ۾ ان دؤر جي ٻولي، لباس، عورتن جو هار سينگار، وغيره ڏسي سگهجي ٿي.
بشارت حسين انصاري، پنهنجي ڊرامي سنڌ جي تاريخي ڪردارن نوري ۽ ڄام تماچي جي گفتگو هن طرح پيش ڪئي آهي:

> نوري _ ڇيڳري ڇتن ڇڙيل مهاڻي، ميءَ کي اوڏڙو آڻڻ اوهان ڪٿان سکيا، سردار! ڪجهه پاٽان به پڇو؟ مڇيءَ کي ڪنڍيءَ ۾ بند ڪبو ته ڦٿڪندي، اوهان کي نٿي ڏسان، اندر ۾ اوتري ئي آتر ويلا، اِهو ڇو؟ هيءُ به ڇو؟ ۽ هو به ڇو سڀ ڪنهن ”ڇو“ جو جواب آءُ اجاڻ، جتي آڻيان، ڪٿان سردار! پلا جڏهن حاڪم جي پير ۾ آهيان ته اندر ۾ هيءَ سنهڙي سر سر ڇڻ روح ۾ ٽنڏڙي

هير پئي گهلي، اهو ڇو؟

ڄام تماچي _ انهيءَ کي چوڻ اُکير، منهنجا نور...... جيسين تماچي جئرو آهي، جيسين نوران حيات آهي تيسين اها سک ۽ اُڪنڊ هلندي ئي هلندي منهنجا نور، خاص ڪري انهيءَ سک جي امتحان ۾ ڪاميابيءَ جي عيوض اڄ آئون توکي پٽ راڻي ڪرڻ جو اعلان ٿو ڪريان، منهنجا نور. (بشارت،1958: 31)

ڄام تماچي سنڌ جو تاريخي ڪردار آهي، هي سمن جي دؤر جو سردار هو سندس محبت جي نگاهہ تيز هئي جيڪا نوري مهاڻيءَ جي حسن کي، مهاڻن جي ڳوٺ مڇي جي ڪکي ڏپ مان بہ ڳولي هٿ ڪيو ۽ نماڻي نوريءَ کي پنهنجي پٽ راڻي بڻايو.

**نتيجو:**

موجوده زماني جي سماجي صورتحال يا ڪنهن خاص شخصيت تي ڪا تحرير تخليق ڪرڻ آسان ڪم آهي پر تاريخ کي تخليق ۾ زنده ڪرڻ هڪ وڏو ڪم آهي، جنهن ليکڪ وٽ تخيل جي حسناڪي، وسيع مشاهدو ۽ مطالعو ۽ وسيع ڄاڻ هوندي اُهو ئي هن راهہ جو مسافر بڻجي سگهي ٿو. سنڌي ادب جا اهي اديب جس لهڻن جن پنهنجي ڊرامن ۾ سنڌ جي تاريخي ڪردارن کي امر ڪري ڇڏيو آهي، ڊرامو سماج جو اهڙو آئينو آهي جنهن ۾ موجوده حالتن سان گڏ ماضيءَ جا بہ عڪس ڏسي سگهجن ٿا. ادب جو سماج ۽ تاريخ سان واسطو هميشہ کان رهيو آهي، هر قوم جي سماج جي تاريخ ۾ ضرور ڪي اهڙا ڪردار هوندا آهن جيڪي پنهنجن ڪارنامن جي ڪري تاريخ ۾ زنده رهندا آهن ۽ انهن جي ترجماني ادب ذريعي ٿيندي رهندي آهي. سنڌ جي تاريخي ڪردارن کي ڊرامن ذريعي پيش ڪرڻ جو هڪ خاص مقصد هي بہ آهي تہ انهن تاريخي ڪردارن کي عوام جي سامهون آڻجي تہ جيئن عام کان عام ماڻهو بہ هنن جي وڏ ماڻهپي کان واقف ٿئي، سنڌ جي تاريخي ڪردارن جو ذڪر ادب ۾ بهترين انداز ۾ پيش ڪيل آهي، مثال دودي سومري جو ڪردار، دولهہ دريا خان جو ڪردار، هوشو جو ڪردار ۽ انهن جهڙا ٻيا بہ ڪردار جن سنڌ جي سر زمين تان ساهہ واريو تن مهان هستين جو ذڪر اسان کي سنڌي ڊرامن ۾ گهڻي خوبصورتيءَ سان ڪيل ملي ٿو جيڪي موجوده زماني لاءِ بہ مشعل راهہ آهن ۽ ايندڙ نسلن لاءِ بہ مشعل راهہ رهندا.



**حوالا**


- اشرف، اے۔بی (1968) آغا حشر اور ان کا فن، لاهور: پاکستان، مکتبہ میری لائبریری.
- انصاري، بشارت حسين (1958) نوري ڄام تماچي، ماهوار ايڊيشن نومبر
- پنهور محمد يوسف، ڊاڪٽر (1980) اسٽيج ڊراما، ڇاپو پهريون، زيب ادبي مرڪز.
- پنهور محمد يوسف، ڊاڪٽر (1992) سنڌي ناٽڪ جي تاريخ. ڄامشورو: سنڌ. انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، يونيورسٽي آف سنڌ.
- حيدري، شمشير (1987) ڪاڪ محل. ڪراچي سنڌ: سنگم پبليڪيشن..
- رحمانی، عشرت (1968) اردو ڈرامہ کا ارتقا، لاهور: پاکستان، شیخ غلام علی اینڈ سنز.
- سليم، آغا (2009 ) ڊراما، ڄامشورو: سنڌ. سنڌي ادبي بورڊ
- فيروز الدين، مولوي (2005) فيروزُاللغات، لاهور پاڪستان. فيروز سنز.
- مرزا، ممتاز (1979) آخري رات، حيدرآباد سنڌ: زيب ادبي مرڪز حيدر آباد سنڌ
- ملاح، مختيار احمد (2012ع) سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ، ڪراچي سنڌ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.
- ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر (2002 ) سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ڪنڊيارو سنڌ: روشني پبليڪيشن.